نماڻن جا ماڻ

مالڪ مانجهي مرد ملاح - هر ڪنهن لاءِ هو شاهن شاهه
نمي نمي هر ڪنهن جو سيس - هر ڪنهن ئي هنجي آسيس




نماڻن جا ماڻ - هاڻ به آهن پاڻ



سنت سرومڻي ٻابا شيوارام صاحب اُداسين

جنم: ١١ آڪٽوبر ١٩١٦ ٻرهم ليِن: ٢١ اپريل ١٩٨٤
(پونم اَسو ١٩٧٣) [١٨ (سانم) چيٽ ٢٠٤١]



ٻاٻا جن جي پورن هٿ اکرين ٿان آءٌ سدا ٻلهار

نماڻن جا ماڻ - ڪنهن ڪان ڪين آجاڻ




سنت سرور بابا هريرام صاحب اُداسين

جنم:	برهم ليين:
۲۱ ماڳهه ۱۹۳۳	۲۹ چيٽ ۲۰۰۴

تنهنجي ٻاجهه جو در کليل آ سدائين،
هريرام داتار - هريرام سائين.

- ڪمل پياسي

پوتر يادگيريءَ ۾



سرڳواسي شري موتيرام ٻيڏارام موھناڻي

سرڳواس تاريخ : 23-11-1986

راما ڪنفيڪشنري ورڪس

(راما بسڪيٽ)

سھجپور بوگھا، احمدآباد - 382345

فون : 817381 - 817396



شري مهنت بابا گنگارام

بابا شيوارام صاحب اُداسين

نماڻن جا ماڻ

— آشيرواد —

برهم لين پوڄ بابا شيوارام صاحب

بابا هريرام صاحب اُداسين

۽

مهنت شري پوڄ بابا گنگارام صاحب

بابا شيوارام صاحب اُداسين

هري شيوا ڌام، ڀوپال گنج، روڊ نمبر-٢، ڀيلواڙا-٣١١٠٠١

رچيتا :

ڪمل ڪيولراماڻي "پياسي"

"هري شيوا" پلاٽ ٣٨٢/٤، سيڪٽر ٢٩،

گانڌينگر. (گجرات) ٣٨٢٠٢٩

ڇاپو پهريون

سال : ١٩٩١

ڇپيندڙ :

هريءَ جا داس

سائينءَ جا سيوڪ

ڇپيو :

گرديو پرنٽنگ پريس،

ڪبيرنگر، احمدآباد.

پيٽا :

سڪ، شرڌا، سڌ ڀاونا

پنهنجي پارن......

وسمرت گهڙين جي اوٽ زندگيءَ جي هر طرف کان جهاتي پائڻ ۾ مدد ڪندي آهي. منش وقت جي وٿين ۾ جڪڙيل آهي. هو نه ڪڏهن به زمان کان دور رهي ٿو سگهندو. وقت بادشاه آهي. جو ڪلهه هو اهو به وقت هو جو اڄ آهي اهو به وقت آهي. سڀاڻو به سندس ئي آهي. البت سڀاڳا انسان وقت جي گهيري ۾ هوندي به مڪت رهيا آهن ۽ منهنجيءَ زندگيءَ ۾ اهڙا ست پرش هئا پرهم ليين بابا هرپرام صاحب ۽ پرهم ليين بابا شيوارام صاحب.

سندن تصويرون منهنجيءَ دل ۾ براجمان آهن. هو داتار هئا، ڪرتار هئا، دِيا جا ڀنڊار هئا. مايا کان دور هوندي به هنن هرڪنهن کي سنيهه ڏنو، سونهون بڻيا ۽ جگياسين جي زندگي سوارڻ لاءِ جتن ڪيا. منهنجو سر سندن قدمن ۾ جهڪي ٿو.

هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهه آهي اُهي صرف منهنجون ڀاوناٺون آهن. دل ۾ اُٿمانڊ اُٿيا، جن ڪويتا جو روپ اختيار ڪيو، البت دادا هري دلگير جو ٿنجي نظر تي ڪتاب تي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

۲۶ جنوري ۱۹۹۱ — ڪمل "پياسي"

عنوان چتر:
گهنشيام "ساگر"

سهڪار:
ديال موهناڻي

ڏريم پيمت جذبن سنڌي سرسري،
ڪندين ٻاڻ منظور ٿوري ذري،
سڦل ٿيندي تنهنجي ڏنل حاصلات،
لکيو ٿو، اها پڻ ڏنل تنهنجي ذات،
لکيائين ٿو، منهنجي لکڻ ڪار آ،
ڏريم پيمت، جيڪو هيءُ اظهار آ.

- ڪمل "پياسي"

- سمرپڻ -

دين ديال- ڪرپال نمدان
نماڻن جا ماڻ-
توهان جو ڏنو
ارپيان ٿو توهان کي.
مونکي گهرجي صرف
توهان جي آس.

- ڪمل "پياسي"

— بابا هريرام صاحب جيون ڪويتا —

(۱)

هري ئي اهو، رام ئي آ اهو،
مراري مٺو، شيام ئي آ اهو،
اهو ستگرو، سام ئي آ اهو،
ڪليل ئي اهو، مام ئي آ اهو،
سچو سنت سوئي سباجهو سڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(۲)

ٻڪو ڳوٺ ۾ ٿيو عجائب لقاءُ،
سدورو سباجهو ڄڻيو ٻار ماءُ،
ٽورام جي گهر الائي اهاءُ،
پکڙجي ويو خبر ٿي هڪ هڳاءُ،
دعائون ڪري ويو وسڻ گهوٽ ڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(۱) سام=اجهو، اوٽ پناه: مام=ڳجهو، پرولي، اکل
(۲) اها=پرڪاش: هڳاءُ=خوشبوء

ٻه اکر...

پيارو ڪمل پوڄ بابا هريرام صاحب ۽ پوڄ بابا شيوارام صاحب جنهن جي جيون بابت جو ڪجهه شايع ڪري رهيو آهي، سو آشا آهي ته پڙهندڙن کي پسند پوندو ۽ سکياداءِڪ ٿيندو. اڳ به پوڄ بابا هريرام صاحب جن جي جيون تي سندر ۽ سکياداءِڪ لکي جس جو ڀاڳي ٿيو آهي. ستگرن جي مهر ٿيندس جو سندس قلم هن ڏس ۾ سدائين هلندو رهندو ۽ پاٺڪن کي سٺن جي سکيائن جو آنند وٺائيندو رهندو.

هري شيوا ڌام،
ڀيلواڙا (راجستان)

— هاسو ڪيولراماڻي
۲٦-۱۱-۱۹۹۰ع

اچي جي سوالي ڪٽي ڪو سوال،
ته ٿئي سنت ڪرپال وٽ هو مجال،
ڏکين ۽ ٻکين لاءِ ڏاتر جو ڏاڻ،
هر پرسرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٦)

اچن سنت ساڌو، اچن مير پير،
اچن ملڪ والي، اچن پڻ فقير،
سوين سوکڙيون تن وٽان بي نظير،
مگر سنت ڪرپال وٽ سي حقير،
اچي چاهه، وڃي چاهه، رکي ڪير جاڻ،
هر پرسرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٧)

هو **جيوت** نماڻي ۾ شيوا جو ٻل،
گروءَ ۾ اٽل پريم شردا اجهل،
گروءَ جي وچن تي ادب سان عمل،
هٿي همت هلن، پر هٿي من لڳل،

---

(٥) ڀال = قرب، مهرباني؛ مجال = قبول
(٦) بي نظير = لاجواب، قيمتي؛ حقير = خسيس

(٣)

ٺڪورام پاڻي ٻه درويش ٿيا،
وسڻ شاه سائين جي جهڄڪي شرڻ،
سڀي ستگروءَ جا سدورا وچن،
ته بالڪ جو رهندو سدا مست من،
آتو ٻار جيوت اندر نج نڌاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ۔

(٤)

پريا شهر ۾ سنت مشهور هو،
پريل سنت **ڪرپال** ۾ نُور هو،
تڻ ٻال **جيوت** کي منظور هو،
سندس پيار **جيوت** سان ڀرپور هو،
وڃي جت گرو، شش آتي ساڻ ساڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ۔

(٥)

پريا ڳوٺ تي نيو پلاوي جو پال،
اچي جيڪو دربار ۾ سو نهال،

---

(٣) نڌاڻ = نذان، محلات، خزانو
(٤) ڪرپال = بابا ڪرپارام صاحب

سبق خوب محنت سندو پاڙهجو،
هلو ڪيمت ڏي، ڪيمت آ سون-ڪاڻ،
هر پرسرام بابا، نماڻن جو ماڻ،

(١١)

اگر ڪيڙو ڪيمت، ٿيندي اپت،
ڪريون تنهن مان درٻار جي ڪل ڪمت،
ڪمت سان گڏ وڳڏ ڪنداسين ٻچت،
ڏنائون اِهڙا هاڻ پريمين کي مت،
ڪريو ڪرم، ڪنهن جي ڪيو ڪانه ڪاڻ،
هر پرسرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٢)

عجب ڇا ته ڪيتيءَ جو پيغام هو،
هتي خاص جي عام سان عام هو،
مزي جو مزو، نام جو نام هو،
صحت ساڻ پڻ فائدو جام هو،

---

(١٠) تاڙڻ = نظر وجهڻ، تڪڻ، ريس ڪرڻ:
جهاڙڻ = جهاڙ ٻڙهڻ

(١١) ڪمت = ضرورت، خرچ: ڪاڻ = غرض

(١٢) جام = جهجهو - رام ٻاڻ = اها گس تير، پڪو علاج

هٿي هاج هردم، هٿي نيار هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٨)

هيٺڙ عمر جيوت جي پنجٽيهه(٣٥) ٿي،
تون (٩) جو هو آيو، ننڍو ٻار ٿي،
سندس هاڻ شيوا قبولي ويئي،
مليس نت ڪرپال واري گڏي،
۽ جيوت ڦري ٿيو هريرام هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٩)

هريرام بابا گڏيءَ جو ڌڻي،
جيئن ڏانءُ وڌ، تيئن نمرتا گهڻي،
هو ميوي ڀريل جڻ پيو وڻ ٻڻي،
پوءِ پاڻيهي جدهن منجهان ڦل ڇڻي،
سو ميوو هو، جدهن م مزو ۽ مٺاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٠)

ڇپائون، نه ڀيٽا مٿان پار جو،
نه ٻرهمڻن جي ڌن مال کي تاڙ جو،
نه ٽوڻا، نه ڦيڻا، نڪو جهاڙ جو،

(١٥)

سندن واڪ ۾ ٽي وسيو ايشور،
ڇون جو ٻه، سوٽي ٽشي سر سبر،
نڪل غيب جي ڪين ساڙي خبر،
ڏسي ٽي سگهيا، ڇا وهي ٿو اندر،
ته پڻ هو ڇون، ڀاڻ آهيون اڻڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٦)

چيائون: ته زالون نه ٻيري پون،
نڪو پنهنجي دربار ۾ سي گهڙن،
غرور آ، اهي بدنظر ڪان ٻڇن،
ڪي آدرش دربار جا پڻ هجن،
امڙ! تون پٽيءَ کي ٿي گرديو جاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٧)

چيائون: چڪي خوب ڇورڻ کپي،
ڏهيءَ کي گهرن ۾ ولوڙڻ کپي،
گهرو ڪار سان سنگ جوڙڻ کپي،

---

(١٥) غيب = اڻڏٺل (آئينده): واڪ = واڻي، وچن
(١٧) چڪي ڇورڻ = جنڊ هلائڻ

مسڪن مٿن واسطي رام - ٻاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(۱۳)

ٻڌي ماڻ، بابا تو شيوا ڪري،
ڏئي ڍوس ڏارون دکن کي هري،
اُجهل پيار پائي تو هرڪو ٺري،
اچي جو ٻه بابا ڏي، خوش ٿي وري،
اپوري رهي آس ڪائي نه هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(۱۴)

سکيءَ جي سٽا جو ٻيو ڍر ڪلي،
سندن دان جي هاڪ وئي هلي،
سڳندي هوا وئي گهر گهر گهلي،
ڪڏهن چور خوني نه آيا پلي،
اهي ٻي جهڪي ڪن وڏائي وکاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(۱۳) ڍوس ڏارون = ڊيدار جي دوا: هرڻ = دور
اپوري = اڻ پوري
(۱۴) وکاڻ = واکاڻ، ساراهه

(٢٠)

چيائون: ڇٽي نانءُ جو جاپ آ،
الي شڌ هردو، پوري ڀاپ آ،
ته جي ڀاپ آ، ڪو نه سنتاپ آ،
انهيءَ جي ديا جو نه مپ ماپ آ،
انهيءَ ڪان وڏيڪ آ نه ٻوڙي پراڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢١)

چيائون: اڪل دان سڀ ڪان سٺو،
آ همدرد انسان سڀ ڪان سٺو،
نمرتا سان ودوان سڀ ڪان سٺو،
نمرتا، ديا، ڌرم ٻن من مساڻ،
هريرام ٻابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٢)

چيائون: تن ڌن کي ڪمائڻ کپي،
سدا سمهتيءَ کي وڌائڻ کپي؛
سچائي نه ليڪن گنوائڻ کپي،
ڪمائي ولهن ۾ ورهائڻ کپي،

---

(٢٢) ڏاتر جو ڏاڻ = ڏاتار جي بخشش

ڏکوڙين کان مُنهن پنهنجو موڙڻ کجي،
انهيءَ ريت ڙالن جي ٿيندي وکاڻ،
هـــري ـــرام بابا، نماڻن جـــو ماڻ.

(١٨)

جتي پيي ها، بابا! نڪٽ پا ته دور،
سڌي ڪير سڪ سان ته حاظر حضور،
گهري جنهن شرن، سو ڇڏيندا نه مُور،
ڏکين جي دلين جو سڪائيندا سور،
پسائيندا پرتڪش، نـــوري نشاڻ،
هـــري ـــرام بابا، نماڻن جـــو ماڻ.

(١٩)

گرو گرنٿ ڀاڳي عجب **امر ٿي**،
منجهس لڪشمي آ، منجهس سرسوتي،
چيائون: انهيءَ جي شرن جنهن ورتي،
انهيءَ جـــي سدائين ٿئي پرگتي،
انهيءَ کي هتان ۽ هتان جي نڌاڻ،
هـــري ـــرام بابا، نماڻن جـــو ماڻ.

---

(١٨) نڪٽ = نزديڪ، ويجهو: پرتڪش = صاف صاف
نشاڻ = نشان: نڌاڻ = خزانو
(١٩) ورتي = ورتي: پرگتي = واڌارو

(٢٥)

هليا ويا، تنهن پڄي هون، ايندا رهيا،
سڏيندر کي سڏ سڏ ۾ ڏيندا رهيا،
سندن نام جپڪي جپيندا رهيا،
اچي گشت تن جا ڪٽيندا رهيا،
اچن ترحع، گويا اٿن ڪو وماڻ،
هريرا بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٦)

هيئنئر سنڌ اندر رهڻ نيو ڏکيو،
هاڻ هند ڏي ٿي مناسب ٿيو،
هليو هاڻ هندن سندو قافلو،
لڳاتار جاري اهو سلسلو،
پلا کير روڪي سگهي لڏ پلاڻ،
هريرا بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٧)

هيئنئر پيلواڙا ۾ دربار آ،
اتي پڻ ته بابا جو ديدار آ،
سدا پياس تن جي، سدا سار آ،

---

(٢٥) وماڻ = ومان، هوائي جهاز
(٢٧) وٺاڻ = جڳهه، شهر

ڏيڻ سان ڏھوٽو ٽي ڏاڙ جو ڏاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(۲۳)

گذريءَ ٽي ڇڳا سال گذريا هيٺئر،
پر سال چاليھ ٽي (۴۳) ٽيا گذر،
ڏٺي هاڻ سرڪار سڀ کي خبر،
تہ ڀارت ورهائي ڪنداسين ٽڪر،
چيائون: ورهاڱو نہ ڏسنداسين هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(۲۴)

سندن عمر هاڻ اٺهتر (۷۸) هئي،
سڄي سنڌ ۾ هاڪ چوڏر هئي،
اکنڊ ٽام جي ڏن برابر هئي،
سماڌيءَ ۾ سرٽي نرنتر هئي،
ارادو رکي، ويا ملي برهم ساڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(۲۳) ورهاڱو = ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ وارو
(۲۴) سرٽي = ڌيان: نرنتر = لڳاتار، سانده

(٣٠)

اي بابا! جا دلگير رچنا رچي،
ڪويتا سا آهي برابر ڪڇي،
مگر آهه ست سر شرڌا سچي،
ڪري قرب، ڪامل، قبوليو اچي،
اهو ئي ڪهي موڪي ڏاتار ڏاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

بريو ڇاپا، — هري دلگير
آديپور. (ڪڇ)

(٣٠) ڪامل = پورن ستگرو

نوٽ: ذيل نمبر مصراعن جو نمبر ٿا ڄاڻائين، جن جي
آيل ڏکين اکرن جي معنيٰ ڏني ويئي آهي.

انڌر ۾ اهائي لڳل تار آ،
سندن حڪم سان ٿي وسيو هيءُ وڻاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٨)

اچا پيءُ سي ڪاريہ هلن ٿا اُتم،
اچا پيءُ آتي پيار شرڌا اُتم،
لکي **پيلواڙي** جي مهما اُتم،
شيوارام بابا جي شيوا اُتم،
سين لاءِ پريل نيهن جا تت نياڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٩)

اي بابا، اوهانکي ٿو جيڪو سڏي،
نوازش سان تنهنکي ڇڏيو ٿا اڏي،
اوهان ڏي جو آيو ٻيا در ڇڏي،
انهن کي ڇڏيو پاڻ سان ٿا گڏي،
جهانن ٻنهي جا ٿين ٿا ڪلياڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(٢٨) نياڻ = ڪلاڻ، ٻ نڌ، سرور
(٢٩) ٻہ جهان = لوڪ پرلوڪ

ٿي ويندي تنهن تڪليف ٿيندي. (دادا دلگير کي
ٻريرڻا مليا، پر تنهن ڪيس اهڙو وشواس هو ۽ لفافي ۾
موڪليل ڪوئتا به باسلامت پهچي ويئي- بابا جن جي
هر ميا ٿي ويئي)

خبر ناهي ته توکي ڪيتري لمبي ڪوئتا گهرڻل
هئي، منهنجي ڪوئتا ۾ (١٨٠) سٽون آهن. اميد ته
توکي ڪوئتا نيڪ لڳندي. ٻه ٽي ڏينهن لڳي ويا،
هن ڪوتا لکڻ ۾، **پراڻ ٻابا آڇي سهاء ٿيا ۽**
پنهنجو ڪم پاڻ ڪيائون. توهان ڪوتا جي پهچ
ڏجو ۽ پنهنجو رايو به ضرور لکي موڪلجو. ڪوتا
لکڻ ۾ ڪجهه تڪليفون آئو آيون، جن مان مکيه هي
آهن (١) روبرو درشن نه ٿيو هو (٢) پيداوار به ڪو نه
ويو آهيان (٣) گرسهاڻي جو لکيل جيون چرتر ڪو نه
پڙهيو اٿم (٤) تنهنجي ڪوتا، جنهنجو ذڪر انگريزي
ڪتاب ۾ آيل آهي، سا به ڏيان ۾ ڪا نه آئي (٥)
انگريزي ڪتاب ۾ بابا جن جي مها سماڌي ۽ بابت
هڪ لفظ به لکيل ڪو نه آهي نه ديهه جو انت ڪيئن
ٿيو (٦) بابا شيوارام بابت به ڪجهه لکيل ڪو نه آهي
خير مون شرڌا سان لکيو آهي ۽ اميد ته ڪوتا قبول
ڪندا. (هري دلگير - ٢٢-١١-١٩٨٢)

شاعر هري دلگير جي پرکا

(سنڌس آيل خطن جا حوالا)

١- بابا هربرام صاحب جي مهانتا اڳيان س
جهڪايان ٿو. ڪويتا لکڻ لاءِ پرکا گهرجي. جڏهن
اُتساهه ڏيندا ته ڪويتا ڪن ۾ تيار ٿي ويندي. پر اڄ
ته اهڙو امنگ ڪونه ٿو ملي ۽ امنگ بنا ڪويتا ڪهڙي
(هري دلگير- ٩-٩-١٩٨٢)

٢- پريه پياسي- سدائين پياس وڌندي رهي
تنهنجو خط ۽ ڪتاب "بابا هربرام" ٻئي پهتل آهن.
ڪتاب ٻيهر پڙهي، سنتن کي ڪجهه لکي موڪليندس
دلجاءِ ڪج. اڳي ائين هوندو هو ته جيڪي چاهيندس
هوس، اُن ۾ من وجهي، ڪنهن به وقت، ڪجهه نه
ڪجهه لکي ويندو هوس، پر هاڻ من جي حالت
ڪجهه اوڙ آهي. اج ڪلهه پنهنجي مرضيءَ سان لکي
ڪونه سگهندو آهي. جڏهن لکائيندو آهي، تڏهن ئي
لکندو آهيان. مونکي وشواس آهي ته بابا هربرام
سائين پاڻ اچي سنت سهاءِ ٿيندا. (هري دلگير -
٢-١٠-١٩٨٢)

٣- گهربل ڪويتا، اڄ جدا لفافي ۾ موڪلي رهيو
آهيان. ان ڪويتا جي صرف ڪاپي مون وٽ آهي.
جنهن ۾ پورو مواد ڪونه آهي. جنهنڪري هيءَ ڳ

هر ڪنهن تي هن جي رحمت،
پيار ڏيڻ هن جي عادت.
سامهون جي طوفان وڏو هو،
هو پاري چٽان بڻي پيو.
ڪير وڏي سينو سهائي،
جو ٻ وڏيو ٿي، ويو هارائي.
جو جو هن جي در تي آيو،
تنهن جو هن ٿي ياڳ وراهو.
هو هو مهر ميا جو مالڪ،
پاڻ ئي پريو، پاڻ ئي خالق.
جاپ جپڻ جو ڏئي سنديش،
هو هو هڪ پهتل درويش.
ڏاپ پري صورت سلطاني،
لالڻ لاکيڻو هو لاثاني.
هو گوبند هو، هو گرداري،
هو ئي ڪرشن، ڪان مراري.
مهاوير، وڪرم هو، پيارو،
ڪمت ڪيي، ڏئي سمت سهارو.
شنڪر، شيام ۽ ڪيسري نندن،
هن جي تيج، اڳيان جڳ - وندن.
جيڪو ڪيس ڏيائي ور ور،
ڪيس نو پائي، دل جي آندر.

هري چاليسا

ڀاڳ ڀريءَ ڀومي تي آيو،
ڳوٺ پرين جو شان وڌايو.
هري روپ اوتار ڌڻي هو،
تهلو چمڪيو سون ڪٽيءَ جو.
ڪشٽ ڪٽي دک درد مٽائي،
ٻاجهہ ڪري ٻاجهارو آهي.
رحمت وارو رب آ پيارو،
رهبر آهي، سو رکوارو.
اوچي هن جي آهي هستي،
هن جي دهشت، ذهنيت مستي.
هن جي ٻاڻي اَمرت اَمرت،
هي جي اعليٰ، عظمت شهرت.
هوُ هو روحاني اِنسان،
ڪري سگهي مشڪل آسان.
سندس سنيهہ جو ڪونہ هو ماپو،
هن ۾ ڪانہ خودي، يا آپو.
هن جو حڪم، خدا جو نياپو،
جيءَ جڏي جو اٽيو جياپو.
دانهن سڻي جو داتا آهي،
بيواهن کي راهہ بتائي.

جيڪو هن جا ڳڻ ٿو ڳائي،
هن ۾ پنهنجو ڌيان لڳائي،
پورڻ ٿيئي ٿي ان جي آشا،
هن کان ڪوهه ڀڄي ٿي نراشا.
سوامي هيءَ آ انترجامي،
سڀني ۾ ساکيات مدامي.
هري رام هر ڪارج سنواري،
جو جو هن جي اڇي ڌاري.
خلق جي خدمت، هن جي رحمت،
پيار ڏيڻ جي، هن جي عادت.
اڄ پڻ ياد دلين ۾ آهي،
ڪير سگهي ٿو ڪيس ڀلائي.
هريرام هو هر سک دائي،
ڪشٽ مٽي، جا پيڙا آئي.
ساڌن سنتن جو رکوارو،
ڀڳتن جي لءِ ساهه کان پيارو.
هٿڙي ناٿ اڳيان سر منهنجو،
ڪيئن نه سو پيو هر هر جهڪندو.

- ڪمل پياسي

جيڪو هن کي ياد ڪري ٿو،
ان تي هو ٻاجهه ڌري ٿو.
هر ڪنهن لاء هن راهه ٻڌائي،
ڏک، سک، ۾ ٿيو، سنگ سهائي.
هن جي ڏاڪ ڏاڪ تي هاڪ،
هن جا ٻول ساڀي ماڪ.
سمڪ سمڪ جي، هن کي سرلي،
هن جي جڳتي، مهان جڳتي.
هوءَ ته ديالو، ڏيندو ٿي هو،
ڀيد نه ذات پات جو رکندو.
سادو ورتڻ، سادو پهرڻ،
سادو ٻولڻ، اوچو سوچڻ.
سر تي صافو، چادر اوڙهي،
مک سان رام نام پيو سوري.
هن جي هئي هر ريت نياري،
مهاٻلي هو، سرج ٻهاري.
هو هڪ اسراري انسان!
هن جي مهما آهه مهان.
پڙهندو جيڪو **هري چاليسا**،
تنهن جا سڀ ڏک دور ٿي ويندا.
سمتي ايندي، سمپتي ايندي،
راج ڀاڳ ۽ اُنتي ٿيندي.

۽ ٻنا ڪٿي آسيس.
گروءَ ڪٿي رکشا، ڪرپا ڪٿي ڪرپارام.
شد انتهڪرڻ جو سنديش مليو، سهارو مليو، ٻل مليو.
جنهن اون رکي، تنهن راهه ڏسي
پيار پناهه ڏني.
جيوت جي جيوت ٻدلجڻ لڳي
پشپ هڪڙو پرگهٽ ٿيو
ڪومل ۽ نازڪ جذباتي پنکڙين کي
پنهنجيءَ چاهت سان چنبڙائي،
محسوس ڪيائين پنهنجيءَ سڳنڌ کي ڦهلجندو
سڳنڌ کي قول اندرئي جذب رهڻ جو آديش ڏنائين
وشال سڳنڌ ان جي اندر سمائجي ويئي
سندس گڻ وايو منڊل ۾ پکڙجڻ لڳا.
ساري فضا موهجي ويئي
جيئي ڇڏيائين جيون کي پنهنجي پريمواس سان
ديا جو دوار کلي پيو
سندس مٺڙي وهنوار ۽ چت چور چلت
من موهي ڇڏيا منش جا.
اسڪولي تعليم جي ضرورت محسوس ڪانه ٿي
گروءَ جي ڪرپا سان گرمکي سکي ورتائين
گرو گرنٿ جي واڻي ڪنٺ ٿي ويس.
ائين ٿي ٻڌيءَ جو پرڪاش ٿيو،

ريکا چندر

– هري جيون درشن –

ايڪونيهين مانگهه، سنبت اڻويهه سو نيٺيهه،
ڏن ٿيو اهو ڏينهن
بالڪ جيوت جو جنم ٿيو.
منڍي ماتا جي گود پري
۽ پاونا پورڻ پرڳٽ
ڀاڳشالي ٿيو سندس پتا تمورام.
پهر کليا ۽ پرڪاش ڦهلجي ويو
سندس سڀاڳي درشن سان.
بند مکن جا کلي پيا دروازا
۽ گگن منڊل جي لهرن ۾ ڦهلجي ويو آواز.
چنڊ جي روپن ڪرڻن
وڇائي پاون ڌرتيءَ جي مٿان
سونهري، جهمڪندڙ چادر
پرڪاش ڦهلجي ويو چوڌاري
سڳند ڦهلجي وئي منڊل ۾
پشپن جي وچ کڙي پيو،
نئون نرالو دويه پشپ رتن.
گرو ڪرپارام گهڙي ورتي بالڪ جي بانهن
گد گد ٿي گود ڪئي خالي ماتا

مهاداني ۽ منتر گياني
پنهنجي پريوءَ جي ڇپر ڇانو ۾ رهيو.
گرو رتن هو سندس سوامي ڪرپارام
جن جي چرنن ۾، جن جي نيڻن نگاهه هيٺ
جنهن جي اوجل جل سان وڌندو رهيو
پورنتا جو پشپ سڳنڌي،
بابا ڪرپارام جي باغيچي جي ان گل جي
هر هنڌ ٿي واکاڻ
هيڏانهن هوڏانهن، هيٺ مٿي، اردگرد،
ڌرتيءَ کان آڪاس تائين
جس وڌڻ لڳو
گرديو جي رهبريءَ سندس زندگيءَ ۾ زيب پريو هو
راهه ڏيکاري هئي، ڏني هئائينس اسٿرتا
آپياس، من ۽ چيتن ۾
هر منش جي شيوا ۾
ڪنور ساڌنا تپشيا ۾.
ڦهلايو بابا پريم جو پرڪاش
سکيا ڏنائين- راهه ڏسيائين
پراون کي ۽ پنهنجو ڪيائين
ڏيکاري ديا جي درشٽي،
شانت ڪيائين پياس جگتياسين جي...
هريءَ جوت جڳائي

اُتڪرش شڌ ٿيو.
پٽ راڻي ڪويتا هئي سندس داسي
لفظن ۾ هئي لالڻ جي لياقت
شيوا پنهنجو اصلي روپ اختيار ڪيو، سچو ٿيو ساڪا
گرهستين جي گهٽيل حالت کي ڏسي
دکين جي دکن جا داستان ٻڌي
گهرجائن جي گهرن کي مان ڏيڻ لاءِ
هو ڏيندو رهيو پنهنجي آسيس
پنهنجيءَ مهر، پنهنجيءَ ديا ۽ ٻاجهه جا ڀريل ڀنڊار.
جيوت ٿي پيو روپ **هريءَ** جو
جڏهن **پنگو ٻهڻ** چڙهي، **پرين** ۾ اڇڻ ڪانپوءِ
پاڻي گروءَ جي ڪرپا، هو ٿي پيو **"هريرام"**.
سک جو هو صاحب! سنيهه جو هو ڏاتي!
جنتا ۾ جمارڻ هو ۽ نر ۾ هو نارائڻ.
پرپوءِ لاءِ سندس من جي اُڌام
ڪنڌن جو دور ڪرڻ ڪين چاهيندي هئي
پرين جي پوميءَ کي، هن سمجهو ڏراپي ڏاڻيءَ جي،
اُهاڻي ٻڌي سندس تپ پومي،
جيڪا اهڙو پشپ حاصل ڪري هري پري ٿي ٻئي
ٻرم ٿپسوي سنت —
ويراڳي ۽ اوڌوت —
نج اوتار — ڀنڊار ديا جو —

ر ڳنڀير هو اهو جو جيوتي، هاڻ جو هري گرو،
وچي رهيو هو شايد—
ريو ته ناسونت آهي ئي
يهه کي مٽائڻي آهي پوشاڪ
ر امر آهي آتما.
تما آهي اها، جا نه مري ٿي نه جمي ٿي
ڌهن کيس لڳو ته سندس ستگر
امهون ويٺو آهي، مشڪي رهيو آهي، آٿت پيو ڏئي،
ئي رهيو آهي، شانتيءَ جي لڪل آنچل سان:
"ڪهڙيءَ فڪر ۾ آهين هري ڀڳت؟
ڇا پيو سوچين؟
مان ته هت ئي آهيان-
تنهنجي نزديڪ ئي آهيان."
وڪ پرڪاش جي ريکا ڦهلجي وئي
وهه جو پڙدو هٽي ويو.
نيو ڪيو هريرام
سندس گرديو واسو ۾ اتي آهي
سندس ئي ڀر ۾ آهي.
ارت جي روپ ۾
سنڀاليو بابا هريرام، پنهنجي گرديو بابا ڪرپارام جو،
رم پريوءَ وارو پد
ديا، ساڌنا ۽ گيان سان

دوراندیشيءَ، عقل منديءَ سان
جھونا ٻنڌن، رسمون ٽوڙي
جھونا پستڪ پوٿيون لوڙهي
پنھنجو پاڻ تي ڀاڙڻ ڪاڻ،
هو جڳديش ٻڻيو جڳداتا،
جھڙو مٺڙو مٺڙو نالو
تھڙا هن جا گياني گڻ.
پرتندي ٿي پشپ رتن هن،
سچ جو ٿي پرچار ڪيائين
راهبر جي راهبريءَ جو ڪيس مليو هو مارڳ درشن
ڌرم جو پرچار ڪيائين
سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو ڦهلاءُ ڪيائين
اڌياتمڪ شڪتي پائي
سچي ساڌڪ ۽ يوگيءَ جي روپ ۾
برهمچريه جو پالن ڪيائين.
هر اَڀلاشا جي احساس سندس سواگت ڪيو
۽ ان ڪان پوءِ
جڏهن مهاسماڌي ورتي بابا ڪرپارام
ماندو ٿي ويو هو مها منڊل... وايو منڊل
شرڌالو هئا شانت، پر....
شرڌا ڳوڙها ڳاڙيا ٿي.
هوا شانت هئي،

لهرائي ٿو هوا جي لهرن کي
سماڌين جي سامهون کڙو ڪيل ”ڌوج ديوتا“،
۽ سماڌين جي پٺيان آهي ڌوڙي صاحب،
ڀاڳن واري آهي اها ڀوٽي
ڀاڳن واري آهي اها ڀومي
جت سماڌين جو ٿيو استاپن.
ڀاڳن وارو آهي ڀيلواڙو
ڀاڳن وارو آهي اهو ديش
ڀاڳن وارا آهن اهي منش
جن جي من مندر ۾، اڄ به هو وسي ٿو.

– ڪمل پياسي

اوچ ڪوٽيءَ ۾ ويٺو اُداسين، ڪرم يوڳي
روحاني رهبر.
يڳن کي آتم ڏنائين
نرڌنن جو ٿي پيو ڌن پتي
سنتان ڏنائين انهن کي
جي سڪندا هئا اولاد لاءِ.
هرڪنهن سان هو هنڪي پيار
ذات پات جو ڀيد نه هو ڪيس،
اَڄ به جاڳي ٿو هيءُ سنسار
ان پرم - آتما کي
ان مهمت مهاتما کي
مڃي ٿو هنجي شڪتيءَ کي
سر جهڪي وڃي ٿو آدر سان، شرڌا سان، نياز سان:
جن جي فقط يادگيريءَ سان
هٽي وڃي ٿو من مان گمان
اَڄ به براجمان آهي
سنت اهو سچارو
اڪائي وينو آهي لوڪن ڪان، پاڻ کي
اُهو مهاپلي - اُهو مهاپلي
اَڄ هيءُ هري مندر
ڏئي ٿو سنديش، سندس ڪرپا جو، مهر جو.
نئون جوش- نئون امنگ ڪٺي

هري سمرٿي

گيت

ا-

● سمرٿي

جنهن لاءِ مون هيءَ جيوت ساري،
ويهي ويهي وات نهاري،
تنهنجي ياد سدا ستڪاري.

(١)

صوفين واري هن جي سرتي،
سنياسين جهڙي سادي ورتي،
داتا دين ديال سوامي،
ساهه ساهه ۾ سندس سمرٿي،
شڪتي شالي شاهه قلندر!
رڌي سڌيءَ جو مالڪ دلبر!
ٻاجهه گهران ٻڌجي سنساري.

(٢)

پاو نيل کي لهرون نرمل،
جنهن تي تاري ڪشتي ڪومل،
ڀو ساگر مان ڪڍندو ٻاهر،
آمدا منهنجي - هنجي ٽوڪل،
سچ جي منزل - هنجي مايا،

— هري سمرتي —

[بيت، دوها ۽ ڏڻي]

تارن ۾ تنهنجي مانڊاڻ،
هير بسنت جي ناچ نچي،
وري وري "هري" نام جپي،
هر رت تو لاءِ رونق واري.

(٦)

ڪيسين سڪ ۾ ساريان مان،
گهڙيون اڪيليون گهاريان مان،
ايندين منهنجون آنسون اگهندي،
راتيون ڏينهن نهاريان مان،
چت ۾ چورا، من مايوسي،
ياد جون پلڪون اڄ ٻي پياسي،
دور ڪندين - دل جي لاچاري.

☼

ٻاقي ڪوڙي ڪوڙي ڪايا،
هڪل سنڌس هئي حشمت واري.

(٣)

قهر تي مهر وسائڻ وارا،
دکي کي سکي ۾ ناهڻ وارا،
تنهنجي ڏاهپ ڪير تو جاڻي،
ڪکي مان لکي ٻڌائڻ وارا،
تنهنجي ياد ڪلي ڪيڪاري،
درشن ڏيندي هڪڙي ڏهاڙي،
مان مڱتو - پر تون ڀنڊاري.

(٤)

تنهنجي مک تي گهري واڻي،
عجب عجائب تنهنجي ٻاڻي،
اڄ ٻه ذهن تي تازي آهي،
گيتن جي تنهنجي پٽ - راڻي،
روح کي راحت سان ريجهايو،
آتم ڌن جو مينگهه وسايو،
تي گرداري - موهن مراري.

(٥)

شهر، نگر، ٻن ۾ واکاڻ،
پن، گل، ٽارين ۾ سرهاڻ،
گگن منڊل ۾ تنهنجا گيت،

ڪڙ ڪڙ ۾ هيءَ وائي،
هرهرام سک - دائي.

(٥)

س، سيوڪ ۽ سيواداري-در تنهنجي جا ٻٽيا ٻڪاري،
اڏائين ٿا، واجهائين ٿا، مگنا ماٺهو هي سنساري،
تن جي پياس ٻجهائي،
هري رام سک - دائي.

٢-

● ساڪـ

(١)

باغن جي سرهاڻ هري، ڦولن جي لالاڻ هري،
هر موسم تي هنجو ڏيرو، ٻن ٻن ۾ ساواڻ هري،
وڏي سندس وڏيائي،
هري نام سکـ-دائي.

(٢)

طوطو هن جي لاءِ ٽنواري-مور مست ٿي پنکـ پساري،
ڪانءُ، ڪبوتر، مئنا، بلبل-هر پنڇي ٿو هنکي ساري،
قابل سندس ڪمائي،
هري نام سکـ-دائي.

(٣)

پل پل توکي پسون پڪارن - گايون گاہا تا ہاڪارين،
منش سندءِ مهما ۾ پورا - يادين جا ڪڙ تال وڃائين،
اسٽت آئن اِهائي،
هري نام سکـ-دائي.

(٤)

کيت کوهہ ۽ جوڙ پل جايون - ونڻ ٽڻ ٽنهنجون مدايون،
تولءِ وياڪل هير سٽي -هيج هڻن مد مست فضائون،

(٥)

ٻاغن جي سرهي سرهاڻ،
چنڊ جي هوءَ روپي چانڊاڻ،
هرهنڌ هنجي لاءِ گلڪاري،
هري مراري - هري مراري.

(٦)

هرهڪ ڀڳ ۾ شل ٻاڏايان،
ڪنهن تہ سمي آخر ۾ پايان،
گهوريان هن تان جندڙي ساري،
هري مراري - هري مراري.

٣

● هري مرار

(١)

هري رام جي مورت وانگر،
هري شيام مورت وانگر،
هري هو گوورڌن گرڌاري،
هري مراري - هري مراري.

(٢)

هري پون پٽ هنومان هو،
هري لڪس سيتا مهان هو،
بندرابن جو برج بهاري،
هري مراري - هري مراري.

(٣)

جڳ لءِ هوُ هو جيون داتا،
هن هن لءِ هو پاڻ وڌاتا،
جنهن جي مهر سدا هئي نياري،
هري مراري - هري مراري.

(٤)

گگن منڊل ۾ ٽمڪن تارا،
هي سڀ هريءَ جا سڪا سونهارا،
انڊلٺ هن جي سونهن واري،
هري مراري - هري مراري.

غـزل

۱ـ

● وشواس

مورت ٺڳي ٿل سالڪ هردم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇــا گھرجي؟
هري هجي ٿل مونسان همدم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇــا گھرجي؟

۱ـ هردي منجھ هندورو ناهيم -
خيال جــي خـــوشبوء لڳايم،
اندي تيندي مصطر مـوسوم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇــا گھرجي؟

۲ـ ايندلن، پاون تيندي ڌرتي -
ايندين مـــؤن ۾ اهندي سرتي،
ايندين در تي پهنـدو آدرم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇــا گھرجي؟

۳ـ ستگرو منهنجو انتريـامي -
صاحب منهنجي سر جـــو سوامي،
تيندو منهنجي هردي حاڪم -
مونکي ٻيو ڪجھ ڇــا گھرجي؟

۴ـ ڪير چوي تو مون وٽ ناهي -
منهنجيء دل ۾ هـــردم آهي،

۴-

هري رس پ

پيئو پيئو هري رس پيالا،
جيئو جيئو ٿئي متوالا.

(۱) هنجي هستي سنگ عجب آ،
رام سان ريجهيل رنگ عجب آ،
هر هنڌ هن جا ڍنگ نرالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(۲) هنجي ڌرتي - هنجو ساگر،
سڀ ۾ سهڻو سانيل گوهر،
پيار ڪري هو، آهي آعليٰ،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(۳) اُڀ ۾ هن چنڊڙايا تارا،
وشو پشپ هن لاءِ پيارا،
پاو ڌريون ٿا پولا پالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(۴) منڙي صورت - سهڻي سيرت،
هن کي پيار ڪرڻ جي عادت،
تڙفن خيال ٿئي، بي خيالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

٢-

● اُپاسنا

اوريان اوريان سائين منهنجا - مالها سوريا شيام،
تون گرڌاري، پاڻ مراري - تون منهنجو گهنشيام.

١- دل جي اوناهيءَ ۾ دلبر! هڪڙي آهه اُڪير،
ٻن جون راهون رلندو آيس - ڳولهڻ هڪ گلفام.

٢- تنهنجي نور نگاهن ۾ ٿل - هجي سدا آسيس،
ناچو ٻڻجي تنهنجي ڪاڻ - نچان صبوح ۽ شام.

٣- سڪ جي سوڪيم قولن سان مون - تول ۽ سيج سجائي،
نرم وهاڻو نورت جو - چت جي چادر ني آرام.

٤- واءُ هجي، وسڪارو بيشڪ - گرمي، سردي، سيارو،
در جو داس ٻڻي ٻاڏايان - خادم آءُ مدام.

٥- **هريرام** اوتار گرو تون - تو ٻن منهنجو ڪير؟
چانئنٽ جو مان چاڪر ٻڻجي - ور ور ڪيان سلام.

٦- جت جت ستگر پيرا پاتا - خاڪ ٻڻي ڪستوري،
مهڪن واٽون، سدا اَمر ٿئي - واٽوءَ ۾ وشرام.

٧- ويدن جي ڪيٽن واڻي سمجهان - گيتا ڳوڙهو گيان،
مان ته **”هري“** هڪ لفظ اُچاري - تنهنجو ٿيان غلام.

٨- پار برهم پرميشور سائين! پل پل آنءُ **پياسي**،
ٿل نه ڪڏهن هن مڪه مان وسري - سالڪ جو **سنام**،

٩- منهنجا گيت، غزل ۽ وايون - تنهنجي لاءِ ٿل جرڪن،
لفظن ۾ آ تنهنجي ليلا - ڪيئن ٿين بدنام.

قرب رهي تو أن سان قائم-
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
٥- چت ۾ جوڙيم هڪ آکيڙو-
جنهن اچي تون ناهين ڏيرو،
ياد ۾ رهندين داتا دائم-
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
٦- مونکي آهي تار اندر ۾-
صورت تنهنجي آهه نظر ۾،
ايندين، ايندي پياري پونم-
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
٧- پلڪ پلڪ جي پياس اِهائي-
گهڙيءَ گهڙيءَ اُداس اهائي،
ياد ڪندين داتا تون دم دم-
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
٨- ستگرو مونسان تئي سهائي-
مان ٻيوس تون منهنجو واهي،
اگر اڳهايئه پياسي خادم-
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟
٩- منهنجي من مندر ڇا داتا-
توسان منهنجا پڪا ناتا،
اوچو تنهنجو آهه مهاتم-
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟

- جي تن هيٺو ۽ ڏن هيٺو،
تہ من بيٺو ڏيڻ چاهيان،
ڏريان ٿو پيٽ شبدن جي،
قبولي راهه ٻر آهي۔
- سڪان ڪيڏو ۽ ساريان ٿو،
سٺي سائين مهر وارو،
پٿر آهي، پٿر رهندو،
نہ جهسين ڪيس ٽاريندو،
صدق آهي ۽ پڪ آهي،
جو ڏاتا دان ور آهي۔

٣-

● دعا جو اثر

گروءَ جا گيت ڳائڻ ۾، دعا جو ڪو اثر آهي،
سڀاجهو سو سخي سائين، جهليو جنهنجو مون در آهي

١- نه منهنجي آهه ڪا ڌرتي،
۽ نه منهنجو آسمان آهي،
مگر هنجي ڇپر ۽ ڇانءَ،
مون لاءِ سرڳ گهر آهي،
٢- نه پنهنجو پاڻ ڪجهه آهيان،
نه منهنجي آهي هستي ڪا
انهيءَ ڪامل جي ڪرپا ٻن،
سچو مانڊاڻ جڙ آهي،
٣- ڪيو مون ياد آ جنهن ڪي،
نه پڪ هو ڇو وساريندو،
اسين هت ناسونت آهيون،
مگر بابل امر آهي،
٤- نه وسري ٿو، وساريان ڇو،
سدائين ياد هو آهي،
وساڻي بوند رحمت جي،
جي ڪن آهي، بحر آهي.

● اَڌوري پياس

- جاڙ پوتي پل پيار سڀا جهل، تنهنجي آس نه موري،
منهنجي پياس اَڌوري.
- تون ئي سچ جي مورت آهين، باقي دنيا ڪوڙي،
منهنجي پياس اَڌوري.
- هرتا ڪرتا - داتا بينا، تون سمجهين مجبوري،
منهنجي پياس اَڌوري.
- منهنجي نور نگاهن ۾ آ، پريت سمايل پوري،
منهنجي پياس اَڌوري.
- ڏيتي جي هيءَ مالها ناهي، پيت ڌريان سموري،
منهنجي پياس اَڌوري.
- تنهنجيءَ ذات جو طالب آهيان، منهنجي چاهه ضروري،
منهنجي پياس اَڌوري،
- هري چوڻ سان هاڻ ٺري ٿو، هردي رهين حضوري.
منهنجي پياس اَڌوري.
- ڌارن ۾ تون ڏجلو آهين، ڦولن جي ڪستوري،
منهنجي پياس اَڌوري.
- سورج جي سونن ڪرڻن ۾، تو لاءِ مالها جوڙي،
منهنجي پياس اَڌوري.
- دوشن پياسي در در ساريان، داڙ تنهنجي دوري،
منهنجي پياس اَڌوري.

٥-

● آس

راتيون روز نهاريان وڃي،
آس اندر ۾ ڏاريان وڃي.

١- ٿون صبوح ٿين آشا آئي،
ان لاءِ روز نهاريان وڃي.

٢- سورج ڏيندو ٿون سنديش،
هر پل ڪيس پڪاريان وڃي.

٣- پکي پکيئڙا ٻر ڦهلائي،
ايندا، ڪين وساريان وڃي.

٤- ڪانگل ٻولي ڪان ڪان هن لاءِ،
تنهن سان من وندرايان وڃي.

٥- ڳايون، مينهون راهه نهارين،
تن تي هٿ ڦيرايان وڃي.

٦- ڪٿي ڪبوتر ويندو هن ڏي،
خبر اُها سيڪاريان وڃي.

٧- ساجن جي لاءِ سيج پلنگ تي،
عطر عنبر ڇڙڪاريان وڃي.

٨- هر هر هري-هري تي ٻوليان،
پنهنجو مکڙ وندرايان وڃي.

٩- دل ۾ سانديل سور صدين جا،
ڳايان ۽ گونجاريان وڃي.

١٠- ڳردشن لاءِ پياسي دم دم،
جو ڳڻ جيان، گذاريان وڃي.

روپ انوپ

(١)
تنهنجيءَ ياد جو سور،
ٻرهم سان منجهي نه ٿو،
نيڻهن ڏنم ناسور.

(٢)
خواب نه، تنهنجو جيون،
جيوت هڪ حقيقت،
سچ لاءِ جيوت ارپڻ.

(٣)
تارن ۾ تصوير،
اڀ ۾ آ اوجل اها،
طالب لاءِ تعبير.

(٤)
ماضيءَ ۾ هڪ پير،
حال ۾ آئي ڏوڪي،
جاڳي پئي اڪير.

(٥)
ڪڏن پيا احساس،
سوري سوري سرتيون،
وات ڏسي ارداس.

(٦)
موٽين گهوٽ پرپائي،
پريت ڪي اهڙا ٻور،
چاهه ڪي آس اهائي.

(٧)
رات ڪي تنهنجي سار،
ڏينهن ڏکيو ٿي گهاري،
وقت جي وٺي جمار،

(٨)
پريت نه ٿئي پراڻي،
هردم هريءَ جو نانءُ،
وائي اها آگهائي.

۲-

● جاڳي ڪانيم راد

١- ننڍڙن نه ننڍي ننڍي گذريو، مٺان پيئي پرياد
جاڳي ڪانيم راد
٢- ڪيڏا ديپ جلايم، ايندين صاحب تون ساکياد
جاڳي ڪانيم راد
٣- ور ور وامت نهاريم ني، جيئن ييمت ترپان جذباد
جاڳي ڪانيم راد
۴- اربيان ارمانن جـــي مالها، چاهت جـي سوغاد
جاڳي ڪانيم راد
٥- آءُ! تہ اوريان الجهن پنهنجي، پٽڪان ڪن برباد
جاڳي ڪانيم را
٦- تن تنهور و- من جـــي ويٽـا، لنؤ لنؤ بولي لا
جاڳي ڪانيم را
٧- برهہ جو بـــادل ڇم ڇم ڇٽڪي، برسائي برسا
جاڳي ڪانيم ر
٨- گيتن جـــي پت راٽين ڪاتر، شبد ٿيا بـــار
جاڳي ڪانيم ر
٩- سونهري سورج جي ڪرڻن کي پڙ لنهنجي ت
جاڳي ڪانيم ر

٥- باغن ۾ ساواڪ،
تنهنجي من ۾ تاڪ،
تنهنجي ياد ستائي.

٦- باغن ۾ بارا،
سندرتا وارا،
تنهنجي ياد ستائي.

٧- باغن ۾ درخت،
ڇانون هارين پت،
تنهنجي ياد ستائي.

٨- باغن ۾ هيرون،
اڌڙا ۽ سيرون،
تنهنجي ياد ستائي.

٩- باغن ۾ مانداڪ،
ڏينهن ڏني ڇانداڪ،
تنهنجي ياد ستائي.

١٠- باغن ۾ گل ڦل،
تنهنجا ڪڙيا اصول،
تنهنجي ياد ستائي.

١١- باغن ۾ رابيل،
توسان دل جا ميل،
تنهنجي ياد ستائي.

(٩)

پن پن جو پرلاءُ،
تنهنجو ڏئي سنديش،
تون ئي پرم پتا ۽ ماءُ.

(١٠)

تنهنجو روپ انوپ،
تنهنجو نور نزاڪت،
پياسيءَ لاءِ سوروپ.

مورو

● ياد

١- باغن ۾ سرهاڻ،
تنهنجي آ واکاڻ،
تنهنجي ياد ستائي.

٢- باغن سرهو واءُ،
تو لاءِ تڙپي ساهه،
تنهنجي ياد ستائي.

٣- باغن منجهه بهاري،
تون ئي گرور ڏاري،
تنهنجي ياد ستائي.

٤- باغن ڀونئرن ڀير،
تنهنجي آلن اکير،
تنهنجي ياد ستائي.

١٩- ٻاغن ۾ ھر ھنڌ،
مشڪي پيئي سڳنڌ،
تنھنجي ياد ستائي.

٢٠- ٻاغن ۾ سھڪار،
ٻوڙ جھلين ٿا جھاڙ،
تنھنجي ياد ستائي.

٢١- ٻاغن جي عادت،
ڏئي سدا راحت،
تنھنجي ياد ستائي.

٢٢- باغن جو آنبم،
پياسيءَ جي لاءِ پرٻم،
تنھنجي ياد ستائي.

٢٣- ٻاغن گڏجي ٻيلھ،
سڻئين ڪيائون چيلھ،
تنھنجي ياد ستائي.

٢٤- باغن ۾ آڪيڙو،
ھريءَ ٽاٻو ڏيرو،
تنھنجي ياد ستائي.

١٢- باغن ۾ بلبل،
تنهنجي ياد اَچل،
تنهنجي ياد ستائي.

١٣- باغن ۾ جي مور،
ڪڪيون هڻن سي ڪوڙ،
تنهنجي ياد ستائي.

١٤- باغن ۾ طوطو،
تنهنجو ڏئي هوڪو،
تنهنجي ياد ستائي.

١٥- باغن ڳاڙها ٻير،
تنهنجا چاهين پير،
تنهنجي ياد ستائي.

١٦- باغن ۾ زيتون،
سي ئي افلاطون،
تنهنجي ياد ستائي.

١٧- باغن ۾ ڪي انب،
پلڪ پلڪ ۾ رنب،
تنهنجي ياد ستائي.

١٨- باغن ۾ برسات،
ٻوندون ٿين سوغات،
تنهنجي ياد ستائي.

ـت

● شان پريو سلطان

(١)

ڳهوري ڇڏيم گهوٽ تان، پنهنجو سارو ساهه،
مهٽين تي آلس ڪري، سمهي پيو ويساهه،
صدقي ڪيان پساهه، اهڙي عاليءَ شاهه تان.

(٢)

مد منڊ جي واءُ کي، پنهنجي پنهنجي ٻوءِ،
رين جي هر ٻور ۾، ساڳي آ خوشبوءِ،
سانجهي ڇاهه صبوح، ٻون ٻور ٻرين جا.

(٣)

ساڃي هٿ ۾ ڀاڳ جي، اُڪير ويٺي لڪير،
ونڪي آ وشواس، ٻڪ جوڙيندو تقدير،
حق ۾ آءُ حقير، هو شان پريو سلطان آ.

(٤)

سهڻن کي سارين ٿا، واءُ، هير، طوفان،
ڦوليون ڇيڙن ڇيڄ سان، هن لاءِ منڙي تان،
ن جا لک احسان، ڪير وساري ڪين ٿو.

(٥)

ڳنڌ جي هڪ ڪنڊ ۾، وڻ تي ڪي بادام،

● هيڻن جو همراه

نگاهن ۾ نعمت ڏيا جي نظر ڪر،
تون داتار سائين، سيني تي مهر ڪر.

١- مان عابد، تون اعليٰ، مان خادم، تون مالڪ
ڏکن ۾ ڏکيءَ جو، سٺاٺو سر ڪر.
٢- سجدو سدائين ڪيائين تنهنجي در تي،
خدا خاڪ چاهيان، اميدون اُجر ڪر.
٣- چاهت نه ڪائي، نه چنتا اهائي،
ڪهي جا ڏعا، سا دعا پُر اَثر ڪر.
۴- اندارو اندارو، مان ڊرپوڪ آهيان،
انهيءَ راهه ڪاريءَ کي جلدي صحر ڪر.
٥- سپنن ۾ توکي سدائين ٿو ڳولهيان،
وڃايم تـه ڪوهيل سرتيون اَمر ڪر.
٦- دنيا ۾ اَڻ نگا، سوين پيچرا پر،
منزل ڪي پايان، تون سولو سفر ڪر.
٧- هيڻن جو همراهه، ٿيندين **هري** تون،
مدايون مٺا، رب ڏٺي! درگذر ڪر.

(٢)

سائين سرجڻهار، منهنجا رب ڌڻي!
مون لاءِ سون برابر آهي، تن جي چرڻ پٽي!
لاهان لٽ لڳن کي، نوڙي هٿ جڙي،
هن لاءِ حب گهڻي، منهنجيءَ دل دماغ ۾.

(٣)

سائين سرجڻهار، جيڪو مانجهي من جو ميت،
ساهه ساهه ۾ دائم آهي، سائين سو سرجيت،
مهر کري پيو مالڪ حقيقي، جو آ خود جڳ جيت،
منهنجو ساهه سنگيت، دم دم ساري شيام کي.

(٤)

سائين سرجڻهار، اڳيان مان سيس جهڪايان چوڻ،
جنهن کي هردم نئي رهي، منهنجي ايڏي اون،
اٿم اڄو آسرو، بيو ڪو ٻيلهي ڪوڻ.
هار هنئين جا سون، گهوريان جو سڀ ٽورڙو.

(٥)

سائين سرجڻهار، آهي هو اوچو انسان،
مالڪ تيو مهروان، پر مان بالڪ هڪ نادان،
صدق اٿم، وشواس ٿم هو پڳتن ۾ ڀڳوان،
پل پل ڌريان ڌيان، آهي منهنجي من ۾.

ساوڻ ماڻ ڳاڙها ٿين، قدرت ڏني انعام
سڄڻ اهڙا شيام، تون ٿي خالق خلق ۾

(٦)

اڪڙ يون ٽير وهائي، رستا چٽڪارين
ايندو جنهن جنهن راهه تان، سي راهون صاف ٿين
پنبڻيون ٻهرا ڏين، ٻرين لاءِ اوسڙ ڪندي

(٧)

سائين تنهنجي سار ۾، ڪيڏا گذريا ڏينهن
آءُ اڪيلائيءَ وچان، ياد ڪيان سي نيهن
بادل آڻين مينهن، وسن آنءُ وهنجي وڃان

(٨)

اونهاري جي منڊ ۾، در تي لڳو ڪانگ
ڪان ڪان هڻ جي تو ٻڌي، امنگ ڏني اچانگ
پياسي ٻڌان سانگ، رنگي وستر عشق

٢-

● سائين سرجڻهار

(١)

سائين سرجڻهار، ڏکي **هري** روپ اوتار
هلندو واڳ وڃي هو منهنجي، سائين ست ڪرتار
اڙ پيم جيڪي مون وٽ آهي، شُڪن جو پنڊار
مانجهي ۽ ملهار، ٻڌي هو تاريندا هن پار

دوهـا

١-

● شرڌا

(١)

شال هري همراهه ٿيندين، تون ٻڪين ٻڪ نگهال،
ڪيئن ڀلا ڪنهن ڏانهن نهاريان، تون ئي داتا ۽ ديال.

(٢)

دل جو دروازو ڇڏيم کولي، اچي آسڻ ڪرين،
مان سگهان سڪندو رهان، شال اچين جلدي اچين.

(٣)

تون ورايڪ من اندر، ۽ تون ئي هردي جو ڏيئو،
تون سهايڪ، تون سڀاڄهل، لال پائج هڪ ليئو.

(٤)

سڀ سوارٿ جا سنگي، هڪ ٻي سوارٿ تون هري،
جيئن وٺيئي سار لهجانءِ، اوٽ ۾ آهس لڙي.

(٥)

مان نبل آهيان نماڻو، تون سڀاڄهل ٻاجهه ڪر،
موهه مايا کان بچائج، منهنجا مالڪ راهبر.

(٦)

ڪوڙ جي ڪٽ ڪوڙڪي ۾، مان جڏهن ڦاسي پوان،
تون بچائج، ڪشٽ لاهج، تنهنجي چرنن کي چمان.

(٦)

سائين سرجڻھار، آھي ھردي جو سينگار،
تنھنجي در تي ھيءُ ٻندو، ڏتڙيل ۽ بيمار،
ساعت ساعت شل ملي، ٻيو تنھنجو ھڪ آڌار،
مونکي پار اُتار سائين، مھر ڪجان ھر مھل تون،

(٧)

سائين سرجڻھار، آھي جنھن تي منھنجو ننگ،
جاڳان توڙي ننڊ ۾، جوڙيل ھن سان سنگ،
ازغيبي آنند ملي، ٻڌي سندس ستسنگ،
چت تي چاڙھيم رنگ، ھنجي ھر سھڪار جو.

(٨)

سائين سرجڻھار، آھي ڏيندو پنھنجي ذات،
ڏيندي ھو ڏکجي نٿو، پڇي نہ ذات ۽ پات،
سھج ڏئي ٿو ھر سمي، ڏينھن ھجي پرڀات،
ازغيبي سوغات، ڳجھي ٿو ڏئي سدائين دان ۾.

(٩)

سائين سرجڻھار، آھي جنھن لاءِ اُتم ڀاس،
ھنجي نام اُچار ٻنا ٻي سڀ آ بڪواس،
مڙھن نہ موڙي ٿي مونکان، ھن لاءِ ڏکندڙ آس،
منھنجا سڀ احساس شل ھنجي حاجت ۾ ھجن.

● وندنا

(١)

رض ڪريان ٿو تنهنجي در تي، صاحب منهنجا سائين!
ان شيوڪ تون سوامي منهنجو، مون سان ٿل نڀاهين.

(٢)

ون ٿي اَنت اَپار ديالو، پار نہ تنهنجو پائم،
هر ڏس ۾ هر راهہ ۾ سائين! شيوا رنگ لڳايم.

(٣)

مهر ڪجانءِ تون منهنجا مالڪ، مونکي ڏس ڏيکارج،
تون سمرٿ، تون سنمک سائين، ڇلو تيج لڳائج.

(٤)

مان قولن ۾ ڪچڙو آهيان، تون شاهن جو شاهہ گرو،
تون جگديش مان جوڳ ٺڳي، تڪيان پيو ٿو راهہ گرو،

(٥)

هرهنڌ سائين سرجڻهاري، هتي هتي وسرام ڪري،
پنج رکي ٿو، پالڪ آهي، شرڌا کو نشڪام ڪري.

(٧)

توُن پِتا جو ڇانورو ۽ توُن ئي جيجل جو اُجهو
هنج ۾ تنهنجي گنج ٿاهين، گنج ۾ سڀ ڪجهه جهجهو

(٨)

ٻوُن سمت ويساهه ڏي، توُن نام چِت ۾ ڌيان ڏي
تنهنجو شيوڪ ٿي رهان، اهڙو ڏاڍي توُن دان ڏي

(٩)

ٻاڳ پرين جا ڪليا، ڀڳوان جي ساڪيا هو
جنهن ڏنو، ڏيندو رهيو، هر ڏينهن جو، هر رات جو

(١٠)

مان نمان، هر هر نمان، نمندو رهان شل نياز مان
شل، سڄڻ جي سار ۾، همدم رهان همراز مان

(١١)

مان ته ٻالڪ جي طرح، همت ڀيو ڀنڀڙا ٻڙ يان،
تو سواءِ ڪنهن کي چوان، هن درد لاءِ ڪنهن وٽ وڃان،

(١٢)

منهن وارو نام تنهنجو، دل اندر دائم رهي،
پريت جو پينار پياسي، پياس شل قائم رهي.

نِي

— هري رام —

هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

اهو جو روپ جي جوتي،
اهو جو ساگر جو موتي،
اهو جو گنگاجل هو،
نبل لاءِ آتم ٻل هو،
جڏن کي جان ڏنائين،
دکين جا دک مٽائين،
ڪري دلين اندر وسرام.

هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

مٺو محبوب ڏلارو،
نزاڪت ۾ هو نيارو،
روح ۽ رب کي ٻائي،
وٺو هڪ وات ٻڌائي،
جڳت ۾ جيئڻ وارا،
سڀ هن جا ٿي نظارا،
مک ٿي نام مدام،

هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

(٦)

هري نام جو جاپ جپيندس، تن، ٻڌي، من شيتل ٿئي
پو ساگر کي پار ڪرڻ لاءِ، ٻاڻ اچي ٿو ساحل ٿئي

(٧)

متّرا، ڪاشي، بندرابن ۾، جهاتي پاتم، توکي جاتم
هرهڪ ڪنڊ، تيرٿ مٺ ۾، صورت انهنجي ڀاڻ سڃاتا

(٨)

هر هر ٿي مونکي چيڙائي، منهنجي مجبوري لاچاري
مهر ڪجي، ڪرپا جا قادر، ٻاجهه ڪجي، گر گرذاري

(٩)

آءُ اداسي، ٻٽي پياسي، موج ۾ مون ڳڻ ڳات
مورت ۾ آ صورت شاهد، پڪتا هن سان رهندا ذات

— شيوا سمرتي —

١-

● هري پريم، هري شيوا

(١)

داسن جو ٿي داس رهيو،
گيان، ڌيان ۽ شيوا،
هن جي برڪت، هن جي دهشت،
هن جي اصليت ڇا؟ ڇا؟

(٢)

باغن جي سرهاڻ ٻٽيو،
۽ هر موسم ۾ مور،
ماڻن ۾ هو ماڻ ٻٽيو،
ٿي هري ڀڳت چت چور.

(٣)

آتم گياني - انتريامي،
پريم جي گنگا ڌارا،
سدا سکاني - سرو سوامي،
هاڪ پريا - هاڪارا.

هري + شيوا = رام

ڳلابي گل جي سڳنڌ هڪ ۾، ٻيو موتئي گل جي سرهاڻ
هڪ ۾ ڪستوريءَ جي خوشبوءِ، ٻيو ٻ ڄڻ آ موتين ڪار
هڪڙو ٻاڻ ڏئي داتار، ٻيو آ سڀ جو سرجڻهار
هڪ غمن جو هٽيار، ٻيو ڄڻ آ ماڻڻ جو ماڻ

هڪ ۾ پريو پسيو پٽي، ٻيو ٻ، ٻيو ٿو باجهه ڏئي
هڪ، جنهن ٻاڻ سڃاتو هو، ٻيو چوي: ”تون ٻاڻ سڃاڻ“

هڪ هو مانع پنا ۽ داتا، ٻيو ٻ ڏين ڏ ٻال پراڻ
هڪ ۾ حشمت هاڪاري، ٻيو ٻ ڄاڻي ڪين اڄار

هڪ جو ساڌ ورتڻ ٻهرڻ، ٻئي جو سادو جيون ماڻ
هڪ هو رام اوتار هري، ٻيو ڄڻ شيوا جو پرمار

رحمت هڪ جي هٿئي ڪرامت، ٻئي جي بخشڻ واري عادت
ديا جو داتا ٻهريون سالڪ، ٻئي ۾ ٻهرين جو اهڃاڻ

هڪ جي همت واري ورتي، ٻئي جي قادر جهڙي ڪرتي
هڪ هو موهن ٻاڻ مراري، ٻيو ٿيو راڌا هنجي ڪار

هڪ هو اپ جو وهائو تارو، ٻيو پئي آ پريوءَ جو پيار
ڪيڏي تن ڪي تسلا ٿئي ٿي، باجهه ڪري باجهارو پار

پلڪ پلڪ ۾ پياس لهائي، گهڙيءَ گهڙيءَ اداس لهائي
جڳ ۾ هوندا داتا دائم، هيءَ سنڌ عضبي ماڻدار

٢-

آپار مهما

تنهنجي آپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(١)

جو تو به ڪجهه سڃاتو،
ان ۾ ”هريءَ“ کي پاتو
سوئي ملِيا ٿي مک مان،
تنهنجي آپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(٢)

تنهنجا وچن - خزانو،
توڏانهن جهڪيو زمانو،
تون ۾ هئي نه ”مان- مان“،
تنهنجي آپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا

(٣)

تون سادگيءَ جي مورت،
سرهي رکئي ٿي صورت،
سڪ سار واري سيما،
تنهنجي آپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(۴)

مهر ڪيائين - سڀ بخشيائين،
سڀ جو پالڻهار -
پنهنجو جيون جڻ گھوريائين،
جڳ جو ڪري اڌار.

(۵)

هر ڪنهن لاءِ مالڪ پالڪ،
هر بالڪ جي ماءُ،
رڌي سڌيءَ جو جڻ سنڀالڪ،
سڀ جو لهي سماءُ.

(٦)

منهنجي لاءِ هو شاهه پرين،
پل پل جو ويساهه پرين،
اکين اڳيان تصوير اچي ٿي،
لهندو هو - ساڃاهه پرين.

(۷)

اداس منهنجون نظرون پياسي،
اداس منهنجا گيت اٿي پيا،
پرين بڻيو پرديس جو واسي،
ڀٽڪيل آهيان ڪٿ ڪٿ ڳولهيان.

رين جي دربار پيکي، خوب راجستان ۾،
ڀلواڙو تيو پلارو - سائين شيوارام جن.

ڳي وچن ڪاشيءَ، پريءَ گرنار ۽ راميشور،
ٺهر گروءَ جو تيرٿ سارو - سائين شيوارام جن.

ڪنت ۾ ڏاڍو ڏنو، امرت پريو آواز ڪو،
چڙ نہ ماڪيءَ جو ڦوهارو، سائين شيوارام جن.

هر دکي دلگير جي سڌ ٿي وڃي، هيءُ سرومڻي،
پيڙن جو آٿي سهارو، سائين شيوارام جن.

چا نہ جڳتي، چا نہ ڀڳتي، چا نہ شڪتي هئي سندس،
دل گهريو دلبر دلارو - سائين شيوارام جن.

منش جي جيون سڌارڻ لاءِ هن شيوا ڪئي،
گيان جو ڳوڙهو اشارو - سائين شيوارام جن.

سنت سادن، مهنت يوگين جيان رهيا ويراڳ ۾،
هو سدائين ڌرم وارو - سائين شيوارام جن.

ديش ڀارت جي اندر، يا ديش ڀارت کان پري،
جت ڪٿي وهنوار سارو - سائين شيوارام جن.

(٤)

گفتن ۾ گيان ڏارا،
فلسوف وچن پيارا،
هردي اندر هنڌايان،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، ڇوان ڇا!

(٥)

تنهنجي سماج شيوا،
هرڪي ڏئي دعا سا،
تنهنجي ٻٽي مان چاهيان،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، ڇوان ڇا!

٣-

● سائين شيوارام صاحب

ڀاڳ ڀڳتيءَ جو ڀنڊارو - سائين شيوارام جن
سادگيءَ ۾ پڻ سواهارو - سائين شيوارام جن

جڏهن ڇيو، سڌ ۾ سدائين، آءٌ گڏ، آهيان سدا
سو هٿو اولار پيارو - سائين شيوارام جن

ڀاڳ ڀرپورءَ ڪي سڃاتو، ۽ سڃاتي خوب جاتو
دل گهريو داتار نيارو - سائين شيوارام جن

● بابا شيوارام سائين

(١)

من جي مونجهه مٽائڻ وارا،
چت چنچل ڀلائڻ وارا،
غم ۽ ڏکڙا لاهڻ وارا،
سچ جو نام جپائڻ وارا،
ٻڌي پاڻ پيو نشڪام، بابل سائين شيوارام.

(٢)

ويو پراڻ سڀ من ۾ اوتي،
گيتا گيان اندر ۾ گهوٽي،
گرٻاڻيءَ کي ڪين مروڙي،
جاپ جپائي جاچي جوٽي،
هر پل تي هنجو وسرام، بابل سائين شيوارام.

(٣)

غيبي گياني، اونهو داتا،
يوگ وديا جا راز سڃاتا،
ادهم گيان سان وچتر ناتا،
ڳجهو رهيو هيءُ پاڻ وڌاتا،
نام "هريءَ" جو مک تي عام، بابل سائين شيوارام.

٤-

● روشن راھ ٻڌائي و

شبوا جو شڌ پاءُ ٻڌائي، هريءَ سان من هرڪائي و
پريم اگني جي جوت جڳائي، روشن راھ ٻڌائي و

(١)

جو سو چيائون سو سمجھائون، ان تي عمل ڪرڻ لاءِ حاضر
جيڪو عمل ڪيائون، ان تي عمل ڪرڻ سيکاري و

(٢)

ست چت آنند پرڀو سوامي، آھ اگر هو آنتر ياميءَ
هو آ ياد سدا هر پل ۾، تن ۾ تار لڳائي و

(٣)

نور نگاھن واريون اکڙيون، ياد اچن سي پياريون اکڙيون
ڪين سي وسرڻ واريون اکڙيون، جن سان گهاءُ لڳائي و

(٤)

مهر ڀريا مينگھ وسائڻ وارا، ٻپ ۽ سنسا لاهڻ وار
ڪنهن سان ڀيد نہ پاڻ رکيائون، ياد جي چٽنگ لڳائي و

(٥)

هري روپ اوتار ٻڌي هو، آهو هت اسرار ٻڌي هو
اڄ بہ سندس آ صورت سامهون، پاڻ ۾ پاڻ ڀسائي و

(٦)

مهاپرش هت مهر ڪري ويو، هري رنگ ۾ پاڻ رنگي وي
سار سڀو سمجھائي صاحب! "پياسي" من ترقائي و

(٧)

تپسيہ رشي هو، راڄ رشي هو،
ٻرهم رشي سرتاج رشي هو،
مهنت مها مهاراج رشي هو،
تپشيا ليکہ ٻہ تاج رشي هو،
منٿرو منڙو سندس ڪلام، بابل سائين شيوارام.

(٨)

هرڪو من جي دُر جو پياسي،
هن جي چائنٹ جو اَبلاشي،
هت ئي مٿرا، هت ئي ڪاشي،
جتي وسي خود برج نواسي،
ٻئي پيو آ سرڳ جو ڌام، بابل سائين شيوارام.

٦- ● سائين سرووياپڪ

سدائين نمي پيا پريو سو سلام،
اُنو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

(١)

اڄان پاڻ هرهنڌ آ حاضر حضور،
سڌيو سڪ مڃهان، ڪين آهي سو دور،

(۴)

ٻولا ٻوم ٻچائڻ آيو،
سڀ جا ڪرم ٻٽائڻ آيو،
وهم اَجايا لاهڻ آيو،
من جي مونجهہ مٽائڻ آيو،
نمان صبوح ۽ شام مدام، بابل سائين شيوارام.

(۵)

جادو هر جيون ۾ آندو،
ڌرب ڪي هن ڪرمن ۾ آندو،
نشچو هن ڌرمن ۾ آندو،
جڻ تہ عطر ڦولن ۾ آندو،
جڻ پاريو ٿي هن انجام، بابل سائين شيوارام.

(٦)

هو رحمت، هو برڪت وارو،
هن جاتيءَ جو ڪيو اڌارو،
برهمچريہ جي قول کي پالو،
سچي گروءَ جو سچو پيارو،
ور ور وارها آءِ سلام، بابل سائين شيوارام.

ڀلائي ڇڏ پاڻين تي هرڪو قصور،
ءِ گر پاڻ نهنو نماڻو ضرور،
لڳي ليا ڪا پاڻي ڏئي پيار جام،
آتو سرو وياپڪ، سائين شيوارام.

(٥)

سماڌين تي جيڪو جهلي ٿو پلاند،
ٿئي آس پوري ۽ پوري مراد،
اُنهيءَ کي آ سائين سدا هردي ياد،
اندر جنهنجي آهي گروءَ جو بنياد،
پياسي شرڻ ۾ صبوح توڙي شام،
آتو سرو وياپڪ، سائين شيوارام.

٧- پاڻ ڄاڻي پاڻ کي

(١)

موهه مايا کي تياڳي پاڻ ٿي ممتاز ٿيو،
اَرٿ پرمارٿ جي ڳجهه گيان ۾ پرواز ٿيو،
بي زبانن جي زبان جو اڪل آواز ٿيو،
راز جي پڙدي کان ٻاهر پاڻ ٿي همراز ٿيو،

هر ڪنهن جي هردي اندر جنهن جو نور،
رکي صدق جاچيو تہ آهي ضرور،
ڪين م ٿئو گونجي سدا جنهن جو نام،
اُٿو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

(٢)

بمبئي، باندرا يا هجي حيدرآباد،
پشاور، بنارس، دهلي، احمدآباد،
نياپي چئيءَ سان ڪري باڻ ياد،
گروءَ جي وچن جو چکائي سواد،
دعا ۽ ديا جا ڏنائون انعام،
اُٿو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

(٣)

پڪاري، اُنهيءَ جي پڌي تو پڪار،
سٽي سڌ اُنهيءَ جو آ جنهن کي تنوار،
مٽيا روڳ، روڳين دکين جا هزار،
ڪيائين تي پريمين جو ڪيڏو اُڌار،
ڪري ياد هرڪو تہ هنکي مدام،
اُٿو سرووياپڪ، سائين شيوارام،

(٤)

ڪرامت ڪرڻ کان رهيو ڪوهہ دور،
مگر غئب نظرن سان تيو دور سور،

لنگهڻ لاءِ ٺاني ڳنڍڻ سان گيان جي پل ٿي ٿهي،
سچن مٿي سنسار مان هن موهه مايا جو ڪڍيو،
مان ماڻڻ لاءِ هن ڪرمن قلعي کي هو اڏيو.

(٥)

جي وٺو نالو "هريءَ" جو ڪين ڏک اچندا اڳيان،
ڪشٽ ويندا سڀ مٽي، پنهنجن پيارن جي مٿان،
هوئي آهي جو لڳائي لڳ پيو هر راهه ٽان،
پاپ ڪرمن کان بچائي پاڻ ٿي تو دائمان،
هن سنديشي ۾ سندس آسيس جو پرتاپ هو،
پاڻ ڀڳتيل کي بچائڻ جو ڳجهو ڪو جاپ هو.

(٦)

ڏيان سان جيڪو ڏيائي، سو ئي تو آباد ٿئي،
سک ملي، سنتوش، مهت سان سدائين شاد ٿئي،
ڏيان ۾ شيوا هجي ۽ گيان ۾ گر ياد ٿئي،
ڪنهن جگياسيءَ لاءِ جڳت ۾ چاهه جو بنياد ٿئي،
چاهه ڏاري چت اندر جو پاڻ جاڻي پاڻ کي،
۽ پاڻ ۾ تو هو پسي، ان پياس جي سرهاڻ کي.

شاهه سلطاني سڀ ساڻي ٻڌبو همراهه هو،
جو ٻڌبو دل جو دلاور سو پڪو ويساهه هو،

(٢)

لوڀ لالچ کان پري انسان هيءَ سلطان ٿيو،
ديهه ڌاري پوءِ پرميشور اصل ڀڳوان ٿيو،
نور نوراني سدا، نشڪام نگهبان ٿيو،
وقت سان وڪه وڪه ملائي وقت جو اعلان ٿيو،
پنهنجي شخصيت ۾ اصل اهميت ڀرپور درويش هو،
جن سڃاتو، تن چيو، هو پاڻ ئي اُبليس هو.

(٣)

هر سمي هن پرتيوانن تي رکي نوري نظر،
آپدا، الجهن ۽ آفت وقت سائين ياد کر،
جنهن مٿان آ آسرو، سوئي ڪندو سڀ تي مهر،
ياد ڪر ان کي، جنهنجو آهه، هت هت ئي اثر.
هوئي هڪ آهي بندن جي درد جي اصلي دوا،
هوئي آهي جو سدا ڏيندو پيو آهي شفا.

(٤)

شدوائي مان سدس ٿي ڌار اُمرت جي وهي،
لوڪ آيا ٿي بدڻ لاءِ ڀيلواڙي ۾ ڪهي،
ديوتا پرلوڪ مان پڻ پاڻ آيا ٿي لهي،

مان تنهنجي در جو داس ٻڻيس،
تون هيڻن لاءِ وڏان هئين.

(٢)

تو پڪڙيو نور نگاهن ۾،
تو جڪڙيو پيار جي ٻانهن ۾،
پڪڙي تنهنجي ڇيڄ اٿم،
جيئن پار لنگهائين رامن ۾.

(٣)

تون دنيا جي لاءِ ٻاڪاريو ٿي،
تو دعا جي نظر نهاريو ٿي،
جَ ان کان پوءِ آشاري سان،
هر هر پاڻ سنڀاريو ٿي.

(٤)

هؤ لٺ وارو، تون هٿ وارو،
هو حشمت، تون همت وارو،
ٻنهي ۾ ڪوئي فرق ڪٿي آ،
هو گيان گرو، تون ڪٿ وارو.

(٥)

تو صدق وڌايو، شاهه هئين،
تون سمت سچو شهنشاهه هئين،

٨-

● خود ئي خود خدا نڪتا

خالق ڪان ۽ مالڪ ڪان، هر چاهڪ ڪان مٿا نڪتا،
ڪري سنڪار هر سڀ جو، جڳت ۾ جي سچا نڪتا.

١- جنهن سمجهو انهن پاتو، الاهي نور اکڙين ۾،
منش جي ديه ۾ ڄڻ هو، خود ئي خود خدا نڪتا.

٢- رب جي رمز کي جاڻي، منش جي موهه کي پاتو،
پريت جي ريت سان سوامي، فنا ۾ پڻ بقا نڪتا.

٣- جلويدار جڳت ۾ جي، رهيا ٿي دور جهنجٽ ڪان،
جڏن جيون لاءِ جي گهوري، بنا سوارٿ سدا نڪتا.

٤- ساست ڪان پري، سنتوش ۽ سنڪار ۾ گهاريو،
سڀني جي لاءِ خدا ٿيندي، نمرتا جا بندا نڪتا.

٥- عالم جي وجودي ۾، وجودي پريم جي ماڻي،
محبت ۾ سدا هر پلڪ ۾ ڄڻ هو نوا نڪتا

٩-

● ياد ڪريون

(١)

تون ٻار وڏو ودوان هئين،
تون موهيندڙ انسان هئين،

١٠-

اهڙو نہ ٻيو ڪو هو

١- ٻٽيو جو گيان جو ساگر،
آڌاهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

٢- ۽ ٻولين مان چڪي آندو،
ملاح اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

٣- ڏسيو ڏس جڏهن هو هيٺن کي،
گواهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

٤- ٻٽيو جو سنت نرموهي،
پناهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

٥- گناهن تي پکي ٻڙدو،
الاهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

٦- اڏيڻن جو ٻٽيو هو داتا،
شاهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

٧- پياسيءَ کي پرکہ ڏيندڙ هو،
ويساهہ اهڙو نہ ٻيو ڪو هو.

جنهن منزل تي تون پهچي وئين،
”هري شيوا“ جو وساهه هئين۔

(٦)

اَڄ پل پل توکي ياد ڪريون،
۽ ياد ڪري ٿا آهه ڀريون،
تو لال لڪل ٿي گهاريو ڀر،
اَڄ تنهنجو ئي ٿا ڏيان ڏيون۔

(٧)

سائين تنهنجي سهڻي صورت،
هري پريم جي مٺڙي مورت،
دل ۾ ان جو آهي ڏيرو،
ڇو نه دلين جي آهين دولت۔

(٨)

جيون گهاريئه الستيءَ ۾،
جوڳين واري اُن هستي ۾،
جن جي منزل انهه مستي،
پر تون پوڳي درستيءَ ۾۔

١٢-

ڏک لاهيج

جي توکي ياد ڪن داتا، انهن داسن جا ڏک لاهيج،
۽ ارپيو پاڻ آ توکي، انهن کي پاڻ ڏڳه لائيج.

(١)

اسان جي راهه جا رهبر، اسان کي واٽ ڏس سولي،
سنياريون شوق سان سائين، اسان هيڻن کي همٿائيج

(٢)

نشو ٻي نام جو جيڪي، خماري ۾ رهن هردم،
رهن جي مست مستيءَ ۾، انهن مستن کي رلجهائيج،

(٣)

ڪنو قربان سر تو تان، سمت سرو پيچ ڏي سائين،
نڌڪن جو نڌڪ، ٻڪ مالڪ! الاهه الست اوپائيج.

(٤)

ڏني ڏوري اسان توکي، هلائيج پنهنجي هيڻن کي،
نبل آهيون ته بل ڏي تون، ۽ ڪمزورن کي ورسائيج.

(٥)

دنيا جي ٻي نمائي داغ، دوکي کان پري رکجانءِ،
ڪو واري ڪونه آڏو ٿئي تون دشمن سيڻي موٽائيج.

(٦)

ڀلائيج ڀوڳ دنيا جا، چرن تنهنجا رهن چت ۾،
تون پنهنجي پاونا ۾ رکي، پريم پوڙ ۾ نه پنيلائيج.

١١-

پريم جو پيغام

شوق سان شيوا ڪئي، شيوا ۾ شيوارام ٿيو،
هو سدا سرهو رهيو، هر ڪم اندر نشڪام ٿيو.

١- هن هريءَ کي خوب ڄاتو، هن اڳيان سجدو ڪيو،
انڪري اَج پاڻ پريو روپ ۾ گهنشيام ٿيو.
٢- نيڪ ناميءَ جو جهنڊو، هن جو سدا بلند رهيو،
لوڪ واسين لاءِ لالڻ، پريم جو پيغام ٿيو.
٣- هن چيو: آهي سماڌين ۾ لڪل سچ جو ڌڻي،
هن اڳيان هر هر پڪاريو، جو رحيم ۽ رام ٿيو.
٤- جن ڏني آ جاءِ دل ۾، تن جو خاوند ٿي پيو،
مشڪلاتن ۾ پڪاريو، تن لاءِ پڻ آرام ٿيو.
٥- سڪ، شردا ۽ صدق، ڇا نہ ٿو پراپت ٿئي،
ٻاجهہ ٻاجهارو ڪري، پوءِ خاص پڻ پڻ عام ٿيو.
٦- مهر جا مالڪ وسائي، مينهن پل تن جي مٿان،
لاهي اُجهن، دردين، دکين جي دل اندر وسرام ٿيو.
٧- جي پياسي ۽ اُداسي سڪ رکي هن ڏي پڳا،
تن ڄڏن، محتاج، مانوُن لاءِ سندر شيام ٿيو.

۱۴-

● سائين شيوارام جن

ياد آ هردم اندر ۾، سائين شيوارام جن،
گهر سندس من جي مندر ۾، سائين شيوارام جن.

۱- هو گيانن ۾ گياني، هو اداسين ۾ ڌياني،
دان ڏيندڙ ڀاڳ داني، سائين شيوارام جن.
۲- رهت واري رمت رهڻي مشڪ هنجي ٻاڻ مٺڻي،
قرب واري قول ڪهڻي، سائين شيوارام جن.
۳- نظر ۾ جادوگري ۽ دل دريا جي هن ڌري،
تياڳ هن جو سرسري، سائين شيوارام جن.
۴- هو هئو انسان اوچو، پوءِ بڻيو ڀڳوان اوچو،
مهلقا مهروان اوچو، سائين شيوارام جن.
۵- نبض ڄڳ جي هن سڃاتي، وقت جي هن ٻار ڄاتي،
پوءِ اهي گيتن ۾ ڳاتي، سائين شيوارام جن.
٦- هو اناٿن جو سوامي، هو سنت اهنسا جو حامي،
مهر هن جي ٿي مدامي، سائين شيوارام جن.
۷- مان گهٽيون ۽ گهيڙ پيٽيان، هتي هتي هروار ڳولهيان،
ٿل ”پياسي“ ڪيس پايان، سائين شيوارام جن.

-۱۳

● لات شيوارام جي

اَڄ فضا ۾ گونجي ٿي لات شيوارام جي،
سار وٽي هر هر ڪري ٿي، بات شيوارام جي.

۱- هو مٺو محبوب هو ۽ خود هريءَ جو روپ هو،
شبد واڻي ٿي پيئي سوغات شيوارام جي.

۲- پرلم ۾ پنهنجو ڪري هن قرب ۾ قابو ڪيو،
اَڄ اَچي ٿي ياد اَهڙي ذات شيوارام جي.

۳- برهمچاري هو، مگر هن لوڪ سان ناتا ڳنڍيا،
ٿي رهي هردي اندر هس تات شيوارام جي.

۴- ڪيترا سادو سدارڪ ٿيا، مگر هوُ هو الڳ،
خلق ۾ خالق ڏٺي، جذبات شيوارام جي.

۵- پياو ڀڳتيءَ جو پرلن سان پيلواڙي ۾ ڪٽي،
جو رچيو مانڊاڻ ٿي، خيرات شيوارام جي.

۶- جي سکياڻون هن ڏنيون ڪيئن وڃن وسري اُهي،
وڃن واٽي سان شروع، پريات شيوارام جي.

۷- مان نمان، هر هر نمان، نمندو رهان هنجي اڳيان،
جنهن جي نيڻن ۾ لکل جذبات شيوارام جي.

-١٦

● ليلا تنھنجي آھہ اٿاھہ

(١)

پرين مان پياوڙا آندءِ،
تنھنجي نام کي خوب سجايم،
خواب حقيقت ۾ سمجھايم،
وقت وقت جي رمز ٻڌاءِ،
آھين اھڙو شاھنشاھہ،
ليلا تنھنجي آھہ اٿاھہ.

(٢)

ڪوڙ جو پڙدو لاھڻ چاھيم،
سچ جو راز ٻڌائڻ چاھيم،
ڪنھنڪي ڪين منجھائڻ چاھيم،
ھر پل جاپ جپائڻ چاھيم،
سائين شيوارام ملاح،
ليلا تنھنجي آھہ اٿاھہ.

(٣)

من جو ميل مٽايم بابا!
ڌيان ھريءِ سان لاتم بابا!
سوکيم ساز وڄايم بابا!
پرميشور پرچايم بابا!
ھيڻن جو بابا ھمراھہ،
ليلا تنھنجي آھہ اٿاھہ.

١٥-

● مهر ڪندو پيو مالڪ

"هري هري" هر وار پڪاري، "هري" سندس جذبات ۾ آ،
هري پيو هر راهه ٻڌائي، "هري" سندس هر بات ۾ آ.

(١)

ٻيڪڙ منهنجي وس کان ٻاهر، هو پنهنجي دڳ لڳائيندو،
اونده مان شل ڪيندو ٻاهر، جو تہ سدا پرڀات ۾ آ.

(٢)

ڪوڙ ڪپٽ کان ٻري ڪيائين، سک جو ساڪ ٻڌي پيو،
مهر ڪندو پيو منڙو مالڪ، پيار سندس خيرات ۾ آ.

(٣)

مان ڇا آهيان، ڪرتو ڇا ٿم، هو منهنجي ٻرگهور لهي ٿو،
موتڪي گيان ٻڌائي هردم، رحم سندس هر لات ۾ آ.

(٤)

ڪڌن ڪمن کان ٻري هٽائي، پاپ کان پلڪ ڇڏائي ٿو،
هن جي اهڙي سرس سچائي، ادم پريءَ سوغات ۾ آ.

(٥)

رکي ٻڌينو من تي مون، سڀ ارپيو پنهنجو هن کي آ،
منهنجا ڪم سڀ پورا ٿيندا، جيڪي بہ خيالات ۾ آ.

(٦)

شرڌا مون سڀ پنهنجي گهوري، هنجي پيو آسيس گهران،
پياسي آءُ عدين جو آهيان، اهوئي منهنجيءَ ذات ۾ آ.

❂ اُستتي ❂

— لنؤ آندر جا لوچ —

جڳ يوگيشور ديــن ديــال،
ڪرپانڌان - جڳ پرتــال.

وارون وار ڪريان نورت،
منهنجي وڪندو پاڻ ٿي پت.

برهما هريءَ جــو اوتار،
شرناگت لاءِ تــارڻ هار.

انترجــامي برهم الک،
انــدر بــاهــر هــو سمک.

پورڻ گر تو ڪري سهاءِ،
هن وقت ڪنهن لاءِ ڪمي نہ آهه.

چتر ڀوڳ، من جــو مختار،
هــر نــراڌار جــو آڌار.

هو جاڻي ۽ مان اڻ جاڻ،
پاڻ ڏيگمبر پــاڻ سڄاڻ.

(٤)

برهم گيان جي وات پڌائي،
من جي شنڪا سڀ لاهي،
ڌرم ڪرم ۾ اڳتي آڻدي،
ڀرمين جا ڀؤ ڀولا لاهي،
تو تان پنهنجو گهوريو ساهه،
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

(٥)

جيڪو منش هو اڳم ماندو،
ان کي دک سڌين تي آندو،
ڀڄي ويو ڀرمن جو پاندو،
تنهنجو جادو هو هيڪانيندو،
ڏيندين سائين ڀاڳ پناهه،
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

(٦)

"سُڌ ۾ سُڌ" ملائيندين شل!
هُڌ سان هُڌ لڳائيندين شل!
ڀاڳ سان گڏ هلائيندين شل!
هن جو مُڌ مٽائيندين شل!
منهنجا بخش ڏٺي گناهه!
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

تارڻ هار سوامي سائين ،
سٽي پيو سڌ پاڻ سدائين .
جنم مرڻ جو ڀپ تو لاهي ،
ڀاڄهه ڀريو ٻاجهارو آهي .
ڀري ڀنڊارو ڏئي سنيهه ،
اهڙو هو اوتاري هيءُ .

قدم قدم تاري ڪرتار ،
سڀ کي ڏئي هڪ جهڙو پيار .
ڀيڙائن کان پاڻ اُتاري ،
ٻڌ لڌڙ پاپي ، ڪامي ، تاري .
هرڪنهن جي هو ڪري ٿو واهر ،
رکيا ڪري ٿو ، اندر ٻاهر .

سنڪٽ ڪاٽي سهج ڪري ،
ڪوبه نه هن کان پلڪ پري .
سهنا هو ساڪيات ڪري ٿو ،
هر ڀيڙا کان ماف ڪري ٿو .

سگڙا ڏاڍا ڏئي ٿو ڏاتر ،
جل پيوتي دوکين ڪاتر .
هن جو هڏو پراُپڪار ،
ديـن ديالو هو داتار .

راڄ ڏٺي ٻڌو ساکيات،
جنهن جي تن من ۾ آ تات.

رتي سڌيءَ ۾ ٻڌيم اُپار،
انتي مکتيءَ جو پڌار.

پاڻ دکن جو لاهي ڏنپ،
ڪري سکن جو هو آرنپ.

شڪر جيئن سنڀاريو ٿي،
۽ وشٽوءَ وانگر تاريو ٿي.

جنم مرڻ جو ڀؤ سنساري،
مهر ڪئي تي پاڻ پياري.

سنساري مايا کان مکت،
اندر اونهو - ماڻ مهنت.

هن جي ليلا هئي ٻر بل،
سنت سرومڻي هئا پهتل.

ڪيڪاريندو چئي "ستنام"،
هريءَ جو هر هر ڏني پيغام.

ذات ڪئي هرڪنهن تي مهر،
هن کي هئي هرڪنهن لاءِ پهر.

هـــردي ۾ ڌاري ستـنـام،
ٻوجي گر ڏنهنجي هو نـــام.

آديءَ وياڌيءَ کان هو دور،
کو تہ اُپاڌيءَ جو کو ٻُور.

هن کي هر نعمت جي ڄاڻ،
هـو نہ پـاڻ سدا نـــرماڻ.

جنهن ٿي هنجي ڄاڻ کي ڄاتو،
ٿنهن ٿي سڄ پڇ کيس سڃاتو.

ڇا جو جيون - ڇا جو مرت،
کيس سدا سائينءَ جي سرت.

گـــرو گياني هـــو سپريـــم،
رحـــم کيائين ڀٽي رحيم.

دت ڀگمـــر روپ انيڪ،
روپ روپ ۾ سندس وويڪ.

کين چڙهيس مايا جو رنگ،
هن لاءِ مايا چڻ ٻي رنگ.

تڏهن تہ هن لاءِ لوچين لوک،
ـــرءِ ٻهر ۾ قـــاڙين ٻـوک.

هـــو تہ ديـالو پـاڻ عجيب،
هـر هردي جـــو ڀٽيو حبيب.

اڻ ڳڻت هر لاءِ هن جو پريم،
مشڪي ٻولڻ هن جو نيم.
سدا رهيو سڀ جو آڌار،
هر جاتيءَ سان هنجو پيار.

پيڙا ڪان ٿيا ڪين دور،
لاٿائون هر ڪنهن جا سور.

هري ڀڳت لاءِ سو رگهوناٿ،
ڏک سک ۾ سڀني سان ساٿ.
جيڪو ٿو هر وار نمي،
ڪڏهن نه ان جو وار لمي.
هو ٿي هڪڙو ساڌ سروپ،
مانس ڏيهه ۾ هنجو روپ.

لکل هئي هنجي ڪرامت،
سچ پچ ٻڙيو هو ساکيات.
مشڪي مشڪي ڏني آسيس،
هو ٿي دين بندو درويش.

رام ڪرشن جان ڪري ڪمال،
پنهنجيءَ هر ليلا سان نهال.
رحمت وارو پاڻ رحيم،
ڪرامت وارو بڻيو ڪريم.

ضروري درستيون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢	۴	ٿو	ٿم
٢	٥	لکيائين	لکائين
٣	١٩	نظم ني	نظم
٥	١٥	اُها	اُهاڻ
٥	١٢	ڄاڻ	ٻاڻ
٦	٩	ڻ	ڇوڻ
٨	١	نيار	نياز
٩	۴	کيڙو	کيڙ ٻو
٩	١٧	رام ٻاڻ	رام ٻاڻ
١٦	١٠	ڀابا	ٻابا
١٩	١٧	لفظ	لفظ
٢٢	٦	سابي	آمر جي
٢٥	٣	مکيو	مليو
٢٧	٢١	ڄڳتياسين	ڄڳياسين
٣٦	١٣	مدايون	ڇون مدايون
٣٧	۴	ٻاڏائين	ٻاڏائين
٣٨	٢	مورت	صورت
٣٩	١	باعن	باغن
۴٥	١٧	ٽڙفن	ٽڙقن

نيم ٽيم ۾ پورڻ سائين،
اُٿندي وهندي "هري" چپائين،

مالڪ مانجهي مرد ملاح،
هرڪنهن لاءِ هو شاهن شاهه.

وارون وار وجهان پلهار،
مونکي بس هنجو آڌار.

نت نمي شل منهنجو سيس،
مونتي هنجي ٿئي آسيس.

اُنيوي هو هوءِ دانار،
هر ڪنهن جو هو پالڻهار.

پياسيءَ جي آ پياس سديو،
جڳ جڳ، جڳ جڳ، جڳ گرديو.

— ڪمل پياسي


રસસભર તાજા,
સ્વાદિષ્ટ તથા
વિટામીન યુક્ત....
નવીન
ફોન: ૮૧૭૩૮૧
૮૧૭૩૯૬
RAMA-G
Glucose
રામા-G
રામા કન્ફેક્શનરી વર્કસ
અમદાવાદ- ૩૮૨૩૪૫.
ગ્લુકોઝ બીસ્કીટ્સ